حسين مُسرت شاهه

# عورتن جيءَ سنڌي شاعريءَ ۾ سماجي بغاوت جو تصور

## (تحقيقي مطالعو 1970ع کان 2009ع تائين)


***Abstract***

**The Element of Rebellionism in the Sindhi Women's Poetry**
**(A Research Study 1970 to 2009)**

*Rebellion is a strong element in the poetry of women writers. When women see all situations and circumstances with their own eyes, they express their feelings against traditions. Sindh is a Patriarchal Society, where women can not breathe freely. This is not an exhaustive and biographical study, but is a brief study on some selected women poets' poetry.*


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**ادبي** ذوق رکندڙ هر شخص شاعري لفظ کان چڱي پر واقف آهي، پر تنهن هوندي بہ شعر ۽ شاعريءَ جي وصف بابت ڪا حتمي راءِ قائم نہ ٿي سگهي آهي.

شاعري ايتري ئي قديم آهي، جيترو انسان! شاعريءَ جي عمل جو ميدان بہ ايترو ئي وسيع آهي، جيترو انسان جي سوچ جو دائرو. ”شعر جو لفظ، عربي لفظ شعور مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ دانائي، پروڙ يا دريافت ڪرڻ آهي. اصطلاح ۾ شعر انهيءَ ڪي چئبو آهي، جيڪو علم عروض جي مقرر ڪيل وزن بحر ۽ قافيي تي هجي ۽ جنهن ۾ اثر هجي.“ (شيخ ابراهيم، 1947ع، ص 59).

”اصطلاح موجب شعر انهيءَ ڪلام کي چئجي ٿو، جو وزن ۽ قافيو رکندو هجي ۽ جنهن جا لفظ برابر ۽ مناسب هجن ۽ جي شعر چوندڙ ڪنهن خاص ارادي ۽ قصد سان چوي.“ (مرزا، 1961ع، ص 308)

”يوناني فلسفي افلاطون، پنهنجو وجدان وارو نظريو ڏنو، جنهن ۾ چيائين تہ روح مثاليت (Ideality) کي جڏهن پاڻ کي ظاهر ڪرڻ هوندو آهي تہ پوءِ اها ڪنهن اهڙي

وجود کي ڳولينديِ آهي، جيڪو ڪيس ظاهر ڪري؛ اهو وجود ”شاعر“ جو هوندو آهي.“ (حسين فهميده، 1997ع، ص 18)

“Poetry is lasting, it begins early in the history of nation, and lasts the longest.” C.Sidney Page: 28)

“The Romans called, the poets ‘vars’ which means a sage or prophet, and in Greek the word ‘poet’ means maker or creator.” C. Sidney, page 28).

”ورڊس ورٿ چيو آهي، ته شاعري جذبن جي اڇل آهي، Spontaneous over flow of power feelings يا وري سڪون جي وقت احساسن جي يادگيري آهي.“ (حسين فهميده ، 1997ع، ص 67)

ڪولرج چيو آهي ته، ”شاعر ۾ بي پناهه صلاحيتون هونديون آهن، جن ۾ حواس، جذبا، قوت ارادي، اعليٰ فهم، تصور ۽ تخيل جي قوت کان سواءِ، اعليٰ ذوق هئڻ آهن ۽ هو ڪنهن حد تائين فلسفي به هوندو آهي (حسين فهميده ، 1997ع ص 69)

هنن وصفن جي روشنيءَ ۾ اسين ان نتيجي تي پهچون ٿا ته، شاعري، دانائي ۽ عقل جي ڳالهه آهي. شاعري الهام آهي. شاعري انسان جي دٻيل گهُٽيل احساسن جو اظهار آهي. شاعري انسان جي پنهنجي وجود جي حاصلات ۽ ڳولا آهي، پر ان سان گڏوگڏ اسان جا عالم اهو به چون ٿا ته جيڪا ڳالهه علم عروض جي قائم ڪيل قانونن جي پاسداري ڪري، اها شاعري آهي. ڪجهه ڏاها وري شاعريءَ کي عروض جي پابندين کان به مٿاهين شيءِ ٿا سمجهن. شاعري انسان جي خيالن، جذبن ۽ سوچن جي عڪاس آهي. انسان پنهنجي ماحول ۽ سماج کان گهڻو متاثر ٿيندو آهي، پر ساڳئي وقت انسان فطرت ۾ تبديلي پسند آهي. هو ساڳئي ماحول ۽ حالتن ۾ گهڻو وقت زندگي گذاري نٿو سگهي. جڏهن انسان پاڻ کي مخصوص سماجي جوڙجڪ ۽ روايتن ۾ پيڙهجندي محسوس ڪندو آهي، ته هن ۾ باغيانه سوچون پيدا ٿينديون آهن. انسان پنهنجيون سوچون ، خيال، فڪر ردعمل طور ظاهر ڪندو آهي.

شاعريءَ جي قدامت جي باري ۾ بحث ڪجي ٿو ته اهو تمام ڊگهو ۽ طويل بحث ۽ تحقيق جو بلڪل ڌار موضوع ٿي ويندو.

## شاعريءَ جو سماجي ڪارج:

ادب ۽ سماج هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. ادب سماج وسيلي اُسري ٿو ۽ سماج،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ادب ذريعي نوان فڪر ۽ لاڙا حاصل ڪري ٿو. ادب ۾ شاعري ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سگهاري آهي. شاعريءَ ذريعي، شاعر وندر ۽ لطف به مهيا ڪري ٿو ۽ دانائي ۽ شعور جي ڦهلاءُ به ڪري ٿو. شاعريءَ ڪي اسين کھڙو به نالو ڏيون، ڇا به سمجهون پر اها حقيقت آهي ته شاعر جون سوچون، پنهنجي موسيقيت وسيلي دل مان ٿينديون دماغ تي اثر انداز ٿين ٿيون. هر دور ۾ شاعريءَ جو سماجي ڪارج مختلف رهيو آهي.

”قديم يوناني سماج ۾، شاعريءَ جا اجتماعي مجيل سماجي ڪارج پڻ صاف ظاهر آهن. يوناني ناٽڪ مذهبي تقاضائن ۽ رسمن مان اسريو، ۽ عام ماڻهن جي منظم ۽ باقاعده اجتماعي جشنن جي حيثيت سان، جيڪي مذهبي ڪريا ڪرم سان وابسته هئا قائم رهيو؛ سندن ’پنداري‘ گيت پڻ ساڳئي قسم جي هڪ خاص سماجي موقعي جي نسبت سان ۽ ان جي پس منظر ۾ وڄن پيدا ٿيا ۽ وڌيا. يقينن، شاعريءَ جي ان قسم جي واضح ۽ مقرر استعمال شاعريءَ کي هڪ اهڙو ڍانچو ڏنو، جنهن جي وسيلي انهن مخصوص قسم جي شاعريءَ ۾ ڪاملپڻو ۽ عروج حاصل ڪرڻ ممڪن ٿي سگهيو.“ (ايليٽ، 1960، ص 218)

”شاعر ڪنهن مخصوص سماجي لاڙي جي خلاف آهي يا فائدي ۾، ٿي سگهي ٿو ته ڪا خراب شعور گوئي مقبول عام ٿي وڃي، ڇو ته ان ۾ وقت جي عام لاڙي سان مطابقت هجي، پر حقيقي شاعري نه رڳو ڪنهن خاص مقبول عام لاڙي جي بدلجڻ کان پوءِ به باقي رهندي آهي، پر خود انهن مسئلن ۾ عام دلچسپيءَ جي مڪمل طور ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ به زندهه رهندي آهي. رومي شاعر ”ليوڪريٽس“ جو نظم اڄ به هڪ عظيم نظم آهي. ڊرائيڊن جو نظم، توڙي جو سترهين صديءَ جي سياسي ۽ مذهبي جهيڙن سان هاڻي اسان جو ڪو به واسطو ڪونهي، ماضيءَ جي هڪ شاندار نظم جي حيثيت سان اڄ به اسان کي لطف ڏيئي سگهي ٿو.“ (ايليٽ، 1960ع، ص 220)

## نتيجا:

1. شاعريءَ جو مطلب آهي، دانائي ۽ عقل جي ڦهلاءُ ڪرڻ.
2. شاعري ذات ۽ ڏانءُ آهي، جنهن کي الهام چئي سگهجي ٿو.
3. شاعري سماج جي مروج روين کي ظاهر ڪري ٿي.
4. شاعريءَ جو سماجي ڪارج هر دور جي فڪري لاڙن ۽ روين جي مطابق هوندو آهي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

5.    شاعريءَ وسيلي ڪنهن سماج جي روين جي پروڙ ڪري سگهجي ٿي.

## سنڌي شاعريءَ ۾ بغاوت جو عنصر

### بغاوت جي وصف:

بغاوت لفظ جي معنيٰ مختلف ماهر هن ريت بيان ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ بغاوت لفظ جي معنيٰ هيءَ بيان ڪئي آهي:

”بغاوت سرڪشي، بلوو، حڪومت جي مخالفت، نافرماني، راڄ ڊوهه، فتور، وڳوڙ.“ (بلوچ، ص 384)

سبطِ حسن بغاوت بابت هيئن ٿو لکي ته:

”بغاوت نام ہے وقت یا مروج قوانین و ضوابط یا مروج عقائد و اقرار سے اعلانیہ انحراف کا. بغاوت فکر و عمل کا منفی انداز ہے، جو حال کے جبر سے نشو و نما پاتا ہے.“ (سبط حسن، 2002ع، ص207)

بغاوت جو عنصر انساني فطرت ۾ شامل آهي. جڏهن اسين دنيا جي ارتقا ۽ انسان جي ارتقا جي تاريخ تي نظر وجهون ٿا ته، اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته دنيا ۾ زندگيءَ جي شروعات بغاوت سان ٿي هئي. آدم جو جنت مان نڪري دنيا ۾ اچڻ به هڪ بغاوت هئي.

بغاوت طبقاتي سماج جو ردعمل آهي. جڏهن سماج طبقن ۾ ورهائجي ويندو آهي ته طاقتن جو توازن ساڳيو نه رهندو آهي ۽ طبقن جا مفاد هڪ ٻئي جي خلاف ٿي ويندا آهن ته اهڙي ماحول ۾ باغيانه سوچ ۽ بغاوت جنم وٺندي آهي. بغاوت هميشه پيڙهيل طبقي مان اسرندي آهي، جيڪو پيو ڳڀيندو آهي، ۽ آخرڪار پنهنجي مفادن جي حفاظت لاءِ آواز اٿاريندو آهي.

يوناني ڏند ڪٿائن ۾ پراميٿيس بغاوت جي علامت رهيو آهي. پراميٿيس ديوتائن جو قانون ٽوڙيو، ۽ ديوتائن سان بغاوت ڪري، انسانن جي مدد ڪيائين.

”یونان کا کسان شاعر ہیڈ 750 ق م ایک باغی کا قصہ نظم کر چکا تھا. اس باغی کا نام پرومیتھیس Prome Theus تھا، جس نے یونانیوں کے رب اعلیٰ زیوس کی حکم عدولی کی تھی اور سزا پائی تھی.“(سبط حسن 2002ع، ص206)

”پرومیتھیس نے تمام علوم و فنون سے انسانوں کو آگاہ کر دیا. میتھیس نے ایک مشعل بنائی، اس کو سورج سے روشن کیا اور چپکے سے انسانوں کو دے دی۔“ (سبطِ حسن 2002ع، ص211)

پراميٿيس جي ڏنل مشعل، انسان کي غارن جي اونداهين مان ڪڍي، ڏينهن

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي سُھائيءَ ۾ آندو. ساڳي ريت طرح جڏھن انسان جي شعور تان لاعلميءَ جي اونداھ لھندي آھي ۽ سمجھڻ ۽ پروڙڻ جي روشني ھن جي شعور کي سھائي بخشيندي آھي، تہ ھو پنھنجي حفاظت، پنھنجي سوچ ۽ فڪر وسيلي ڪندو آھي، ۽ ان جي مفادن جي خلاف ڪم ڪندڙ ھر قوت اڳيان سينہ سپر ٿيندو آھي. اھائي انسان جي بغاوت چورائي ٿي.

## سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ بغاوت جو عنصر:

اسان جي سنڌي شاعري ھر لحاظ کان ادب ۽ شاعريءَ جي اصولن، وصفن ۽ معيارن تي پوري لھي ٿي.

سنڌي شاعريءَ ۾ بغاوت جي عنصر جي شامل ھجڻ تي کوجنا ڪبي، تہ اھا ڳالھ ظاھر ٿئي ٿي تہ، سنڌي شاعريءَ ۾ بغاوت جو سلو ڪلاسيڪل دؤر ۾ ئي پوکجي چڪو ھو. سڀ کان پھرين اسان جي صوفي شاعرن مذھبي بغاوت جو عَلم اُڀو ڪيو. ان دؤر ۾ سماج ۾ مذھبي انتھاپسندي رائج ھئي، جيڪا ڏاڍ ۽ جبر جي صورت اختيار ڪري چڪي ھئي، انڪري انسان دوست صوفين جي ڪلام ۾ ان سماجي رويي خلاف بغاوت جو سفر نمايان طور تي نظر اچي ٿو. سورلي، 'شاھ لطيف آف ڀٽ' ۾، انھيءَ دور جي عڪاسي ڪندي لکي ٿو تہ:

"جنھن دؤر ۾ اھا شاعري سرجي، ان ۾ اسلام کي سنڌ اندر ھڪ خاص مقامي خاصيت واري قوت حاصل ھئي. اھا قوت مسلمان گھراڻن جي صدين تائين ھن سرزمين تي ھڪ ٻئي پنيان لاڳيتي حڪمرانيءَ سبب پيدا ٿي چڪي ھئي. ان دؤر ۾ عام ماڻھوءَ جي سوچ ۾ اسلامي شعور سان لاڳاپيل خيال اجوڪي سنڌ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ گھرائيءَ سان گھڙيل ھئا." (سورلي، 1992ع، ص 259)

"شاھ عبداللطيف جي زندگيءَ واري زماني ۾ اسان چٽيءَ ريت اھڙيون نشانيون ڏسون ٿا، جيڪي ٻڌائين ٿيون تہ پراڻو سرشتو ٽٽي رھيو ھو. خود شاعر جي زندگيءَ ۾ بہ اھڙا مرحلا نظر اچن ٿا، جن مان گذري، شاعر مان ڏاھو ۽ پوءِ صوفي بڻيو." (سورلي، 1992ع، ص 261)

اھڙيءَ ريت سچل سائينءَ جي زماني جي عڪاسي ڪندي، لکي ٿو تہ:

"جڏھن بہ ڪنھن ملڪ ۾ سياسي ۽ سماجي گھوٽالو ٿيو آھي ۽ انسان



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پريشانين ۽ بدحالين جو شڪار ٿيو آهي ته ڪو نه صوفي منش، خلق خدا جي زبان ٿي اٿيو آهي. ارڙهين صديءَ جي آخر ۽ اوڻهين صديءَ جي شروعات ۾ جڏهن سنڌ ميرن ڪلهوڙن جي گهرو لڙائين ۽ پناڻن جي ڦرلٽ سبب تباهيءَ جي ڪپر تي پهچي چڪي هئي، خدا جي خلق بک کان پاهه ۽ پؤ کان بي حال ٿي چڪي هئي. وقت جو ماٺهو روايتي شاهه پرستي ۽ دين جي دڪانداريءَ ۾ رڌل هو. ته ان وقت سچل حق جو نعرو بلند ڪيو." (پيٽي، سچل جو مڪتب، ص 100)

سچل پنهنجي شاعريءَ ۾ انسانيت ڪي وڏيڪ اهميت ڏني آهي. سچل جي شاعريءَ ۾ سڀ کان پهرين انسان جا حق ادا ڪرڻ جو پيغام ڏنل آهي. سچل هندن کي زبردستي مسلمان بنائڻ جي خلاف هو.

"اسان جي ڪلاسيڪل دور جو مطالعو ٻڌائي ٿو ته، سنڌ جي هر صوفي شاعر سڌارڪ لاڙا ڪي صديون اڳ پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيا آهن." (پيٽي، سچل، ص 14)

"ملڪن ٿي سجدو ڪيو، واهه مٺي تنهنجو مان.
(پيٽي، سچل، ص 100)

"وقت اها ٿي ويل، دوئي دور ڪرڻ جي،
ڪڍ مذهب من مان ساجهر ساڻ سويل،
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
متان ٿئي اويل، اولهه سج نه اُيري."
(پيٽي، سچل، ص 50)

سچل چيو آهي ته:

تـوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿي،
وهم 'سچل' ڪڍ، ٻانهپ وارو، شعلو ٻڌ شهانو.
(گ-غ. ص 163)

ائين ئي ساميءَ جي ڪلام ۾ پڻ بغاوت جو عنصر نظر اچي ٿو. هو چوي ٿو ته:

پتر پوجا ڪن، ديو نه ڏسن ديهه ۾،
خلق وسي خالق ۾، خالق منجهه خلق.
(گ-غ، 1992ع، ص 164)

سامي سماج ۾ موجود عبادت جي رواجي طريقي جي لاءِ باغيانه سوچ رکي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٿو. هن ۾ اهو شعور سماج جي رويي جي خلاف پيدا ٿيو آهي.

”ان تنقيدي ۽ باغيانہ شاعريءَ جي پيدا ٿيڻ ۾ جي بہ تاريخي محرڪات نظر اچن ٿا، انهن جو پس منظر ان دؤر جي مذهبي تشدد ۽ شرعي گرفت جي ردعمل ۾ موجود آهي. انهن جي شاعري، پنهنجي ماحول ۽ ان دؤر جي مذهبي تشدد جي خلاف بغاوت ڪندي پيدا ٿي آهي.“ (گرامي، ص 150)

ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ، سماج جو جيڪو طرز فڪر انسان جي جذبات ۽ وجود کي گهُٽ ۽ ٻوسٽ جو احساس ڏياري ٿو؛ انسان ان جي خلاف پنهنجي سوچ جو اظهار ڪري ٿو.

سنڌي شاعريءَ ۾ بغاوت جو رنگ هر دؤر ۾ موجود آهي. ڪلاسيڪل دؤر ۾ مذهبي بغاوت جو رنگ گهڻو رچيل آهي، پر ان سان گڏ سماجي اڻ برابري ۽ سياسي بغاوت جو عنصر بہ نمايان آهي. سنڌي شاعري ۾ بغاوت جو اهو عنصر اڄ بہ هلندو اچي ٿو ۽ ورهاڱي کان اڳ توڙي پوءِ شاعرن ان موضوع کي پنهنجايو آهي، جنهن ۾ شيخ اياز، استاد بخاري، سرويچ سجاولي توڙي ابراهيم منشي پهرين صف جا شاعر آهن. جن مان ڪن کي تہ قيد جون صعوبتون بہ برداشت ڪرڻيون پيون.

## جديد دور جي عورتن جي شاعريءَ ۾ سماجي بغاوت:

جڏهن اسين جديد دؤر ۾ داخل ٿيون ٿا، تہ مختلف سماجي ۽ سياسي تبديلين ۽ ادبي تحريڪن جا اثر شاعرن تي نمايان نظر اچن ٿا.

”سنڌي ادب، سنڌي سماج ۽ ثقافت جي مڪمل تاريخ آهي، جنهن ۾ سياسي ۽ ثقافتي تبديلين جو مڪمل ۽ تفصيلي احوال موجود آهي.“ (جوڻيجو، 2004ع، ص 85)

”هر قسم جي سماجي ۽ ثقافتي چرپر جو نتيجو. اهو نتيجو ترقيءَ جي صورت ۾ آڏو اچي سگهي ٿو تہ تنزل جي صورت ۾ بہ. اهو نتيجو دائمي بہ آهي تہ عارضي بہ، هڪ طرفو بہ عمل ۾ اچي سگهي ٿو تہ گهڻ طرفو بہ، سماج لاءِ نقصان جو باعث آهي تہ فائدي جو ڪارڻ بہ.“ (جوڻيجو، 2004ع، ص 85)

پاڪستان جي قيام عمل ۾ اچڻ سان، ادب ۾ ڪافي نوان موضوع شامل ٿيا. انهن ۾ ورهاڱي جو درد ڪافي نمايان رهيو. سماج ۾ جيڪو گهڻو پوڳيو ٿو، اهو ٿي گهڻو ۽ گهرائيءَ سان لکي ٿو. سنڌي عورت هڪ خاص قسم جي سماجي ماحول ۾ زندگي گذاري ٿي. ادبي ۽ سماجي شعور عورت جي شاعريءَ ۾ بغاوت جو عنصر پيدا



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪيو. (جوڻيجو، 2004ع، ص )

"اديون رسالي عورتن ۾ سجاڳيءَ جي سرت آڻڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن دؤر ۾ قلم سان جنگ جوٽيندڙ خواتين ۾ بيگم زينب عبدالله چنا، زرينہ بلوچ، ماهتاب محبوب، ثميره نورين ۽ رشيده حجاب نمايان هيون. (جوڻيجو، 2004ع، ص 89)

1972ع ۾ ڪراچيءَ مان هڪڙو خوبصورت رسالو "سوجهرو" جي نالي سان جاري ٿيو. ان دؤر ۾ جيڪو ادب تخليق ٿيو، اهو زندگيءَ جي وڌيڪ ويجهو وڌيڪ قريب هئو. مزاحمتي ادب بہ سرجڻ لڳو تہ سياسي بہ. سماجي تبديلين سببان هن دؤر جي عورت وڌيڪ آزاد وڌيڪ باشعور هئي. هن دؤر جي ليکڪا وٽ ذات بہ هئي تہ ڏانءُ بہ. مطالعو بہ هئو تہ مشاهدو بہ (جوڻيجو، 2004ع، ص 92)

هن تحقيق جو مقصد قديم ۽ جديد دؤر جي شاعرن جو احوال گڏ ڪرڻ نہ آهي پر صرف ڪجھ شاعرن جي شاعريءَ ۾ سماج جي روايتن لاءِ ڏڪار ۽ باغي شعور جو اپٽار ڪرڻ آهي.

ستر جي ڏهاڪي ۾ ڪراچيءَ مان هلال پاڪستان جو "سگهڙين سٿ" نالي صفحو سنڌ جي عورتن جي سماجي شعور ۾ اضافو ڪرڻ ۽ سندن سماجي بغاوت ۽ مزاحمت وارين لکڻين سبب گهڻو مشهور ٿيو.

## عطيہ دائود:

1973ع ۾ روزنامہ 'هلال پاڪستان' جي هفتيوار صفحي 'سگهڙين سٿ' کان شاعريءَ جو سفر شروع ڪندڙ عطيہ دائود جي شاعريءَ ۾، سماج ۾، عورت سان ٿيندڙ امتيازي سلوڪ جو درد بہ آهي، ان لاءِ ڏڪار ۽ نفرت بہ آهي. هوءَ مرد جي حاڪميت کي سماج ۾ مروج هئڻ، تسليم تہ ڪري ٿي پر ان کي پنهنجي مٿان اثرانداز ٿيڻ نٿي ڏئي، ان کي پاڻ تي حاوي نٿي ٿيڻ ڏئي.

عطيہ چوي ٿي:

"مان پريت جي ريت، نڀائڻ ڄاڻان ٿي،
تنهنجي منهنجي وچ ۾
جي دريا هجي ها
تہ پار ڪري اچان ها،
پهاڙن جا پند هجن ها،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تہ لتاڙي اچان ها،
پر هي جيڪي تو مون لاءِ،
تنگ دليءَ جو قلعو اڏيو آ،
مصلحت جي چِٽ وجهي،
ريتن رسمن جو رنگ ڏنو آ،
فريب جو فرش وڇائي،
لفظن جي جادوگريءَ سان
ان کي سجايو آ،
تنهنجي ان مڪان ۾
مان ماپي بہ سگهنديس." (دائود عطيہ، 1997ع، ص 89).

سماج، عورت کي ماءُ، ڀيڻ، ڌيءَ ۽ زال جا معيار ڏنا آهن، جن وسيلي سندس حيثيت جي ڪٽ ڪئي وڃي ٿي، پر انهن حوالن کان علاوه هڪ حوالو، انسانيت جو بہ آهي، جيڪو عورت کي هر سماجي عمل جو ڀاڱي ڀائيوار هئڻ جو شعور عطا ڪري ٿو. جڏهن عورت کان انسان هئڻ جو حق کسڻ جون ڪوششون ڪيون وينديون آهن، تہ پوءِ ردعمل ۾ بغاوت جو جذبو جنم وٺندو آهي، جيڪو پنهنجي وجود کي مڃرائڻ لاءِ اڪسائيندو آهي. ماءُ پيٽان جنم وٺندڙ ٻار جيان، جنهن کي پنن تي ڌڪ هڻي رڙ ڪرائي ويندي آهي تہ، جيئن سندس زندهہ هئڻ جو ثبوت ملي، نيڪ اهڙي ريت سماج جو جنسي ڏاڍ يا هيسائڻ وارو رويو عورت جي وجود تي حملو آهي، جنهن جو رد عمل هن جي شعوري سجاڳي آهي، جيڪا علي الاعلان چوي ٿي تہ، آءُ بہ پنج حواس رکندڙ زندهہ وجود آهيان. ان سماجي فڪرن کي يرغمال ڪندڙ طبقي جيان، جيڪي آزاديءَ جي هر فڪر کي پنهنجي ملڪيت سمجهندا آهن.

شيخ اياز، عطيہ دائود جي شاعريءَ جي باري ۾ لکي ٿو:

"اها بغاوت جي شاعري آهي. انساني ذهن جي نا آسودگيءَ مان اپري ٿي، تنگ دلي ۽ ڪوتاهہ انديشيءَ سان وڃي ٿي ۽ مصلحت ڪوشيءَ جا سارا زنجير ٽوڙي ٿي ڇڏي ۽ ان سان اڪيون اکين ۾ ملائي چوي ٿي:

"مان توکان ذهين آهيان،
مان ادب جي الٽراسائونڊ مشين آهيان،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تنهنجو اندر مون کان ڳجهو نہ آهي.“

گهرو زندگيءَ جو اهو تصور نہ رڳو وڪٽوريا جي دؤر جي انگريز عورت کي چرڪائي ڇڏي ها پر اڄ تائين پورو مغرب ان کي هضم ڪري نہ سگهيو آهي. (شيخ اياز، 1997ع، ص 15)

عطيہ سماج جي هر رويي کي پنهنجي نظر سان ٿي ڏسي ۽ جيڪو بہ عمل، سندس سوچ جي ابتڙ آهي، هوءَ ان سان بغاوت ٿي ڪري. هوءَ پنهنجي ڌيءَ کي نينهن لائڻ جو سبق ٿي ڏئي. صرف موت جي خوف کان پيار کان پلجي وڃڻ کي پسند نہ ٿي ڪري. هوءَ سنڌ جي ماحول، ريتن، رسمن کان واقف آهي، ان ڪري عطيہ پنهنجي سنڌ کي اڪيلائيءَ جو سفر ٿي سمجهي. هن کي خبر آهي تہ صحرا جي سفر ۾ ڇانوَ نہ هلندي آهي.

”نہ انهن ۾ عورتازاد جي پروپئگنڊا آهي، نہ هن پنهنجي پوتيءَ کي پرچم بڻايو آهي ۽ نہ سماج جي سڌاري لاءِ وهلور ٿي آهي. هن ۾ انوکي پيڙا آهي، جا روح مان چشمي وانگر اپري اڇي ٿي. اها پيڙا هن جي سماج جو اولڙو آهي، جنهن ۾ عورت جي ارهائي آهي. هن تي روڪ ۽ سخت گيري آهي. (شيخ، 1997ع، ص 22)

هوءَ سنڌي سماج ۾ موجود، عورت جي سڃاڻپ جا خانداني حوالا سمجهي ٿي، ميجي بہ ٿي پر پنهنجي مخالف سوچ جو اظهار بہ ڪري ٿي:

”منهنجي حياتيءَ جو سفر
گهر کان قبرستان جيترو آهي،
لاش وانگر پيءُ، ياءُ
پٽ ۽ مڙس جي ڪلهن تي موت ڪاٽيو آهي
مذهب جو غسل ڏيئي
بيخبريءَ جي قبر ۾ دفنايو ويو آهي.“ (دائود عطيہ، 1997ع، ص 37)

عطيہ پنهنجي شاعريءَ ۾ مرد جي هر رويي کي ظاهر ڪيو آهي. هر ان سوچ کي، عورت جي نظر سان ڏسي سماج اڳيان پڌرو ٿي ڪري، جيڪا عورت کي صرف عورت هئڻ جي سببان پيڙا ڏانهن ڌڪي ٿي. درد جا پيچرا ٿي ڏيکاري. عطيہ فريب ۽ ڪوڙ جي چار مان نڪري تہ اچي ٿي پر هن کي ڌرتتيءَ جو احساس نہ آهي. اڪيلائپ جو ادراڪ هئڻ جي باوجود هوءَ اميد کي ٻيڙي بنائي ٿي. هوءَ زنده شعور رکي ۽ پاڻ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سان ٽيندڙ ويساھ گھاتيءَ کي بخشڻ لاءِ تيار نہ آهي.

عورت جي خودمختياريءَ جو تمام مضبوط ۽ واضح تصور آهي، ۽ سندس هر نظم ۾ هڪ واضح پيغام آهي سوچ، سمجھ ۽ فڪري آزاديءَ جو، جيڪو سوچ جي ڪئنواس کي تمام گھڻي وسعت تہ ڏيئي ڇڏي. سندس شاعري عام شاعري ڪونهي، سندس سوچ صرف سنڌ جي عورت تائين محدود ڪونهي. هوءَ دنيا جي هر عورت جي جذبن ۽ سوچن جي مبلغ ٿي نظر اچي. عطيہ پنهنجي ڌيءَ کي، پنهنجي مستقبل جي عورت کي اوندھ مان ڪڍڻ لاءِ ماءُ کي ريتن رسمن جي قاتل چادر ڏيئي گھر جو ڪڙو لاهي کليل فضا ۾ نڪري ٿي اچي، هوءَ مانيءَ ڳيي لاءِ پيءُ، ڀاءُ، مڙس جي غلامي ڪرڻ کان انڪاري آهي. عطيہ چئلينج ڪري ٿي تہ:

"سگھاري قوم بنجي
وجود جي بقا لاءِ،
توهان کي، توهان جي سوچ سميت
ڊاهي ڇڏيندس." ( ص 16)

سماج ۾ موجود عورت لاءِ جنسي تفريق رکندڙ سوچ سان ڀرپور اختلاف ۽ نفرت رکڻ جي باوجود هوءَ سماج کي پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ هڪ نئين سوچ ڏيڻ لاءِ جهيڙو ختم ڪرڻ ۽ جنگ بندي ڪرڻ جي آڇ بہ ڪري ٿي:

"ان ڪان اڳ جو سگھ منهنجي اندر مان نفرت بنجي ڦٽي،
اچ تہ گڏجي اهي سمورا ويڇا پاڙئون پٽي اڇلايون.
برابري جي بنياد تي نئين سماج جي ڇڪي پوکيون."
(دائود عطيہ، ص 109)

هوءَ ڪنهن عزم جو اظهار نٿي ڪري، نہ وري سڄي دنيا کي فتح ڪرڻ جا خواب ٿي ڏسي، هن جي هڪ ننڍڙي خواهش آهي تہ:

"منهنجو هٿ پڪڙي مون کي بہ اتي وٺي وڃجان،
جتي مان پنهنجي مرضيءَ سان
زندگيءَ ڀريل ساھ کڻان،
تو جهڙو هڪ آزاد ٽهڪ ڏيان" (دائود، ص 187)

عطيہ جي شاعريءَ جو موضوع ايترو تہ وسيع آهي، جو ان تي ڪيترائي ڪتاب لکي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سگهجن ٿا. هن مختصر ڪوجنا ۾ انهن جو احاطو ممڪن ئي ڪونهي.

عورت جو پنهنجي وجود تي اختيار نہ هئڻ جو احساس عطيہ وٽ تمام سگهارو آهي ۽ سندس شاعري ان جي جي درد ۽ پيڙا ڪي سماج جي اڳيان هڪ سوال جي شڪل ۾ بيهاري ٿي ڇڏي، جنهن جو جواب پڪ ڪا عورت ئي ڏيئي سگهي ٿي.

”يوناني شاعره سيفوءَ کان ميرا ٻائيءَ تائين، ميرا ٻائي کان قرة العين طاهره تائين، طاهره کان رابع بنت ڪع تائين ۽ رابع کان عطيہ دائود تائين سڄي شاعري هڪ زخمي دوشيزه جي چيخ آهي.“ (لڇمڻ 2002ع، ص )

اسان جي سماجي جوڙجڪ، اخلاقيات جا ڪجھ دائرا مقرر ڪيا آهن، جيڪي صرف عورت لاءِ ئي آهن. عورت جي هر سوچ ۽ هر عمل کي ان دائري جي اندر مڃتا ملي ٿي، پر ان دائري کان ٻاهر هن جي وجود کي ڪا حيثيت حاصل نہ آهي. عطيہ انهن دائرن کي ٽوڙي ٿي ۽ سماج جي ليڪيل ’لڪشمڻ ريکا‘ کي پار ڪري وقت جي ’راوڻ‘ جي ڏاڍ کي للڪاري ٿي. عطيہ جي شاعريءَ ۾ سماجي دٻاءُ جو احساس واضح طور تي موجود آهي.

”عطيہ دائود جي شاعريءَ کي بہ رڳو روج راڙي واري وقتي شاعري سمجهي ان کي لنوائي نٿو سگهجي پر ان کي ڪل وقتي Perpetual شاعري ڪري قبول ڪرڻو پوي ٿو. هڪ اهڙي شاعري، جنهن ۾ رڳو ذاتي رنجشون ۽ ڏک ڏوراپا ناهن پر ماضيءَ ۽ حال کان اڳتي، آئنده جا اهڃاڻ آهن.“ (دائود، ص 33)

عطيہ جو تجربو ۽ مشاهدو صرف سنڌ تائين محدود ڪونهي. هن جي سوچ جو ڪئنواس ڪافي وسيع آهي، جيڪو سڄي دنيا جي عورت جي جذبن، احساسن ۽ سماجي روين کي واضح ڪري ٿو.

”گهري پاڻيءَ ۾ بنا لائيف بيلٽ جي لهي آيل ’عطيہ دائود‘ رشتن جي پلصراط پار ڪندي، زندگيءَ جي هر عمل، عمل جي هر واٽ، هر رشتي ناتي، هر تجربي، هر آزمودي، احساس ۽ مروت کي نہ رڳو ويجهڙائيءَ کان ڏٺو آهي، محسوس ڪيو آهي، پر پلئٽو جي ان قول کي بہ قبول ڪيو آهي تہ، ”تجربو اهو ناهي تہ توهان سان ڪهڙي واردات ٿي گذري آهي، تجربو اهو آهي تہ ان واردات سان توهان ڪهڙو ورتاءُ ڪيو آهي؟“. (لڇمڻ، ص 25)

”منهنجي ڪردار جي چادر،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سدائين اڻ پوري
جيتريون اکيون منهنجي تن تي ڪُپيل
اوسيتائين چادر مون کي ڍڪي نٿي
منهنجي ڪردار جي چادر
سدائين ميري
ڌوئي ڌوئي هٽ ٿڪا
جيتريون زبانون، او ڳاڇين ٿيون زهر
ان کي ڌوئڻ لاءِ دريا ناهن منهنجي ديس ۾
هن چادر ۾ سدائين ٽنگ
ستن صدوقن ۾ لڪايان ته به
جنسي مت پيد جا بچيل ڪوئا ڪتري ٿا وجن
هن چادر کي سدائين خطرو!" (اڻ پوري چادر، ص 25)

## مريم مجيدي:

"غزل گيت هوندا، هجان پل نه مان
ويس پاڻ پنهنجو پنن ۾ اڏي (8-8)

"جوڳ جياپو ڏاڍو اوکو،
روز ٿو پسجي رُج جو دوکو،
ڪکن وانگر هلڪا ناهيون،
واءُ اڏاري ناهي سوکو." (8-8، ص 6)

مريم مجيديءَ جي شاعريءَ ۾ به بغاوت جو عنصر آهي پر اهو لڪل آهي. هوءَ کُليل بغاوت نٿي ڪري. هوءَ پنهنجي دؤر جي باشعور شاعره آهي، جيڪا سماج جي هر رسم، هر سوچ کان واقف آهي. هن به عورت جي پيڙا کي محسوس ڪيو آهي. مريم مجيديءَ جي شاعري هڪ ڀرپور سگهارو رد عمل آهي. هر عورت دشمن سوچ جو ڀرپور منهن ٽوڙ جواب آهي. مريم سماج جي ان سوچ کي جواب ٿي ڏئي، جيڪا عورت کي ڪمزور ۽ هيسيل سمجهي ٿي. مريم چوي ٿي:

"اسان کي نه ريبي ائين هاڻ سگهبو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

بلاشڪ ميون جي ڪريو ڳالھ ڍنگ جي (م-م، 35)
هوءَ عورت جي مضبوطيءَ ۽ ارڏائيءَ جو اهڃاڻ آهي.
”زور زمانا تير نہ تاڻ،
اڏرڻ وارا آهيون پاڻ. (م — م، 1986ع، ص 41)

”سفر زندگيءَ جو،
اڙانگو ۽ اوکو،
ڏبا ڏورڻا پيي،
ڏندين ڏاند بنجي،
ڏکن ڏاکڙن جي،
چڙهي پاڪڙن تي
لڏي لام چڙهبو،
وڃي نيٺ رسبو“. (م — م، ص 54)

هن ننڍڙي نظم ۾، مجيديءَ، مختصر زندگيءَ جي ڏکئي سفر جي نشاندهي بہ ڪئي آهي، عورت سان ٿيندڙ استحصال جو جواب بہ طلب ڪري ٿي ۽ منزل تائين پهچڻ جي عزم جو اظهار بہ ڪري ٿي. هوءَ اڄ جي عورت کي راڻي جي ناهيل نڳيءَ جي ناهہ مان نڪرڻ جي صلاح بہ ڏيئي ٿي. هوءَ چنيسر جي چاهہ کي بہ عياشيءَ جو طريقو ٿي سمجهي، پنهل ۽ ميهار کي ڪانئر ٿي ڪوٺي.

چو ٿي پنهنجو پاڻ وڃائين،
سپنن کي ٿي ساڀيان پائين،
پنهنجي سوچن کي بدلاءِ،
پاڻ کي پنهنجو پاڻ بناءِ.“ (مجيدي، 1986ع، ص 78)

انسان هڪ ئي وقت ۾ بہ دنيائن ۾ جيئرو آهي. هڪ خارجي دنيا ۽ ٻي داخلي دنيا. ٻئي دنيائون هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿينديون آهن. مريم مجيديءَ جي شاعري سندس داخلي دنيا جي عڪاسي ڪري ٿي، جيڪو ڪجھ بہ سماج ۾ وهي واپري ٿو، ان جي خلاف هوءَ سينہ سپر ٿي ٿي وڃي. ايران جي شاعر ’سمين بيهماني‘ جون هي سٽون ڄڻ تہ مريم مجيديءَ لاءِ ئي چيل آهن:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

"ساٿي ساٿي، قريب نہ آ،
مين زہر ميں بجھا ہوا خنجر ہوں
ذرا دور، کہ ميں سراپا
غم و غصہ اور نفرت ہوں
پتھر کی چوٹ سے زخمی سانپ ہوں
مين آگ ہوں، وہ آگ جو آخر کار
ظلم کے کھليان جلا دے گی." (ترجمو: معين نظامي، 1992ع، ص 832)

مريم جو هڪ شعر آهي تہ:

"اوتارن جي اوٽ ۾ ويهي، پنهنجا پور پچاريون پيا،
ياد ڪري سپ جوڳ جياپيا، پنهنجو پاڻ رئاڙيون پيا،
اڌما اٿلن جيءَ اندر ۾، ساهن ۾ سرهاڻ وسي،
سوڪ نہ سونهي سوچن ۾ پيي، سنڌ وسيرا اٿاريون پيا.
(ص 47)

مريم، زماني جي سرد و گرم کي محسوس ڪري دلگير تہ ضرور ٿئي ٿي، پر سندس سوچ ساھ کي سرهاڻ بخشي ٿي. ٻاهر پل تہ تتل واري هجي، پر هوءَ سوچن ۾ سنڌو وسائي ويٺي آهي.

مريم سمجهي ٿي تہ جيتوڻيڪ عورت کي سماج ۾ ٻي ساھ شيءَ وانگر ڏٺو وڃي، پر ان جو قصور وار هو ڪنهن هڪ کي نہ پر سڄي سماج کي سمجهي ٿي، نہ فقط سنڌي سماج پر عورت لاءِ جنسي مت ڀيد وارو رويو ڏيهان ڏيهي رويو آهي.

مريم، عورت کي نہ جهڪڻ واري، بهادر، مقابلو ڪرڻ واري، ڪنهن جي ڪاڻ نہ مڃڻ واري، ڦهاري رات ۾ چمڪي چنڊ اپارڻ واري، سونهن ۽ سوچ کي گڏ ڪٺي هلڻ واري، ڳوڙهن سان ڳاڙهي ٿيڻ واري ٿي سمجهي. مريم جي نظر ۾ عورت ڏرتيءَ تي بار نہ آهي. مريم جي نصيحت، پيغام، خواهش هن بيت مان ظاهر آهي:

"جا نار ڪٺي ٿي بار وڏا،
سا پونءَ تي ناهي بار سڪي،
جا منڊ جانچي گهيڙ گهڙو،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سا نيٺ تہ ٽيندي پار سگهي،
هي ڪوٺ ڪڙولا پور ڪري
هلي آ تہ ڪريون، پڪار سگهي.“ (مجيدي، 1986ع، ص )

مريم جي جذبن کي ڪڏهن بہ زنگ نہ لڳڻو آهي، جو تہ هن واچوڙن سان وڙهڻ جو پهہ ڪيو آهي.

ثريا سوز ’ڏيپلائي‘ جي هنن سٽن ۾ هڪ احتجاج ۽ درد جي پڪار آهي:

”عورت ڪنهن کان گهٽ نہ آهي،
مرد تي پيل ڪو ڇٽ تہ ناهي
جو وڪريل آهي، لٽ تہ ناهي
همت ڪنديئن، ملندئي ماڳ،
جاڳ سرتي جاڳ!“ (ح – ف، ص 35)

## سحر امداد:

سحر امداد جي شاعريءَ ۾ بہ بغاوت جو عڪس ملي ٿو. هن جا ڪيترائي نظم آهن، جيڪي دانهيندي محسوس ٿين ٿا. سندس نظم ”زنا بالجبر“، ”گُڏي جاڳي پئي“، ”روبوٽ“ اهم آهن. سحر پنهنجي دؤر ۾ ڪافي عرصي تائين اڪيلي ساز جيان گونجندي رهي. سحر جو هڪ نظم آهي:

”مان زور هٽان تي
ڏک هٽان تي
وس ڪريان تي
رت وهي ٿو
پر هي منهنجا هٿ
الا! هي نازڪ نازڪ هٿ
زنجيرن کي
ٽوڙي ڪين سگهن ٿا
پر منهنجي لڱن مان وهندڙ
هي ڳاڙهو ڪوسو رت

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

انهن زنجيرن کي
نيٺ تہ ڳاري ڇڏيندو،
تنهن پل هونديس مان آزاد
ايندس تنهنجي دوار
پابندي پائي پيار
الا مان ايندس تنهنجي دوار" (س — ا، ص 93)

"سحر جي سچي ۽ مضبوط قلم اسان جي سماج ۾ عورت جي ڪريل حيثيت تي ايڏا تہ اثرائتا نظم لکيا آهن، جو وڏيڪ ماڊرن شاعرائون لکي سگهن تہ سندن خوشنصيبي ٿيندي. سحر وٽ هڪ وڏي شاعر جو اهو احساس ۽ دور رس ذهن آهي، جيڪو ڪنهن بہ صورتحال ۾ عام نظرن کان لڪل مضمرات کي سمجهي سگهي ٿو." (رياض، 2003ع، ص 16)

سحر جو نظم 'تابوت' عورت جي ان ڪمري جي منظر ڪشي ٿو ڪري جيڪو سندس ڪل ڪائنات آهي. سحر ان ڪمري کي قبرستان سان تشبيهہ ٿي ڏئي. قبر جو پڄاڻو تہ فقط هڪ ڏينهن يا ڪجهہ پلن جو ٿيندو آهي، پر هن ڪمري ۾ پڄاڻو سڄي عمر تي پکڙيل آهي. هن ڪمري ۾ شڪ، بي اعتباريءَ جا اُلا، عورت جي وفا، پروسي، پيار جي جذبن کي ساڙي رک ڪري ٿا ڇڏين. سحر عورت جي ان پوڳنا تي سراپا احتجاج ٿي بغاوت ٿي ڪري.

سحر پنهنجي نظم "زنا بالجبر" (ص 179) ۾ سماج ۾ موجود ان مرداڻي سوچ کي نندي ٿي، جيڪا نظرن سان هر معصوم خوبصورت ڇوڪريءَ کي بي لباس ڪري ٿي ڇڏي.

"ماءُ ڌيءَ ڀيڻ جهڙي رشتي جي
نہ ٿي حرمت، نا ڪائي غيرت آ
هر تقدس کي پائمال ڪري
رشتي ناتي کي تين وال ڪري
شرم ۽ مرم جا سيئي ليڪا
جو لتاڙي وڃي رهيو آهي
سو نہ انسان آ نہ ئي حيوان." (حسيني سحر، 2003ع، ص 188)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سحر جي نظر ۾، جنهن مرد جي دل ۾، نظرن ۾ عورت لاءِ عزت ۽ احترام ڪونهي، ان کي انسان ته ڇا پر حيوان به نٿي سمجهي.

سحر جي شاعريءَ ۾ انفراديت آهي. هن جي شاعريءَ ۾ محبت آهي، بغاوت به آهي، سپنا به آهن، درد به آهن ۽ اتساهه، اميد ۽ پيغام به آهي. سنڌي سماج لاءِ سحر جو مشاهدو تمام گهرو آهي.

”انيڪ عرب، ترڪ، ايراني، انڊونيشي ۽ ڪيترن ٻين ملڪن جي شاعرائن ۽ اديبائن، جن هڪ ٻئي سان ڪنهن به رابطي کان سواءِ، ويهين صديءَ جي وچ يا ان جي آس پاس ادب ۽ فن جي محفل ۾ ذات جا ڏيئا ٻاريا، جڻ مسلم سماج جي صدين کان ستل عورت پهريون ڀيرو پاسو ورايو. قطعي غير شعوري طور قافلي جي سالارن ۾ سحر امداد به شامل آهي.“ (رياض، 2003ع ، ص 19)

سحر پنهنجي سماج جي پيڙهيل عورت کي مضبوط ڏسڻ جي خواهش رکي ٿي.

”توکي مور نه جهڪڻو آهي
رات انڌيري، وات به ويري
توکي مور نه رڪڻو آهي
مرون ڪينئي ماس تڏهن پي
وچان مور نه ورڻو آهي!
ڏورانهين کان ڏرڻو ناهي!“ (حسيني سحر، 2003ع، ص 178)

## امر سنڌو:

83-1982ع جي دور ۾ تخليق جو سفر شروع ڪندڙ امر سنڌو جي شاعري، فلسفيانه انداز رکي ٿي. امر سنڌوءَ جي شاعريءَ ۾ بغاوت جي خوشبوءِ آهي. انقلاب جي خواهش به آهي. سماجي روين جو درد به آهي.

امر سنڌوءَ جا نظم تاريخي پس منظر رکن ٿا. هر نظم ڪنهن نه ڪنهن واقعي جي ردعمل ۾ چيل آهي.

امر سنڌوءَ جو هڪ نظم ”انقلاب جا سڀ نعرا بلٽ پروف آهن.“ (سنڌو، 1992ع، ص 401)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هن نظم ۾ نوجوان نسل جو ڏک ۽ پيڙا آهي. اهو نوجوان نسل جيڪو پنهنجي ڌرتيءَ سان گڏوگڏ بين الاقوامي واقعن جي خبر به رکي ٿو. هن نظم ۾ راجيو گانڌيءَ جي حادثاتي موت ۽ ٿوڙهي ڦاٽڪ تي نوجوانن جي مارجڻ جي سماج تي پيل اثرن جو ذڪر آهي. هي نظم نوجوان نسل جي باغيانہ سوچ جو عڪس آهي. امر سنڌو اڳواٽي ڪي ’سرهاڻ‘ سان تشريح ڏني آهي:

”سرهاڻ!

منهنجي وجود کي سنگسار ڪري

جلاوطن ٿي ويئي.

هن نظم ۾ انقلاب جي خوابن جو ذڪر آهي، نوجوان نسل جي اکين ۾ انقلاب جا خواب سٽل هوندا آهن، جيڪي انهن کي، سمهڻ نہ ڏيندا آهن. جڏهن باغي نوجوانن کي سمهارڻ جون ڪوششون ڪيون وينديون آهن تہ پوءِ انهن جا خواب جاڳي انقلاب آڻي ڇڏيندا آهن.

امر سنڌوءَ جو نظم، ”پاڳل خوابن جون تعبيرون“ (سنڌو، 1992ع، ص. 406) آمريت ۽ ڏاڍ جي دور جو عڪاس آهي. اهو ڏاڍ وارو دور ڪنهن بہ خطي جو ٿي سگهي ٿو، ان نظم کي اسين رڳو پنهنجي وطن جي سياسي تناظر ۾ نٿا پرکي سگهون، ڇو تہ عورت جي پوڄنا ۽ درد دنيا جي هر خطي ۾ ساڳيو ئي آهي. سياسي منظرنامي جي تبديليءَ کي دنيا ۾ رهندڙ هر عورت پوڄي ٿي. ظلم ڪنهن تي بہ ٿئي، سڌي ۽ اڻ سڌي طرح عورت ان ۾ ضرور شامل هوندي آهي. هن نظم ۾ مائرن جي بغاوت جو ذڪر آهي، گرڀ وتي مائرن کي، ٻارن کي جنم ڏيڻ کان پوءُ ٿئي ٿو.هن نظم ۾ ڪجهہ مائرون ڦاسي، ڦٽڪن ۽ ٽارچر جي پوءُ کان جنم ڏيڻ شرط ٻارن جا مٽڪا پيچي ٿيون ڇڏين ۽ ڪجهہ مائرون پنهنجي ٻارن کي ڦاسي گهاٽ تائين پهچائڻ جا سپنا ٿيون ڏسن. هن نظم ۾ مائرن جي ڏک واري ردعمل کي بغاوت سان تشبيهہ ڏيئي واضح ڪيو ويو آهي. امر سنڌوءَ جي طويل نظم، ”ڪابہ نيڪي بهتر ٿي نٿي سگهي“ (سنڌو، 1992ع، ص. 412) جنهن ۾ جدوجهد ڪندڙ عورت جي بقا معلوم ٿئي ٿي. هي نظم هڪ ڊگهي پرولي جيان آهي جنهن کي سلجي تہ، ان جو پسمنظر تاريخي بہ ظاهر ٿئي ٿو، سياسي بہ ظاهر ٿئي ٿو ۽ عورت جدوجهد کي بہ واضح ڪري ٿو. هن نظم ۾ هڪ خواهش، هڪ خواب آهي ۽ هڪ پيغام بہ آهي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

زندگي پل ته عذاب هجي، ذلتن جو سفر هجي، اس جي سمنڊ ۾ خوف جون ريڪائون هجن، چانڊوڪي به نه هجي، گل نه هجي؛ رڳو ڪنڊا هجن، واعدن ۽ اميدن کان سواءِ، خاليپڻي جا ڏک صليب جيان ڪلهن تي هجن. اهي سڀ تڪليفون پوڳنائون ان جدوجهد جي اڳيان هيچ آهن جيڪا پنهنجي وجود جي بقا لاءِ جاري رهي ٿي، اها جدوجهد عورت صدين کان جاري رکندي پئي اچي.

امر سنڌوءَ جون ڪجهه سٽون آهن:

”لڙڪن جي سنگهرن ۾ سوگها ٿيل
درد جي سفر جا راهي آهيون.“
(انقلاب جا سڀ نعرا بلٽ پروف آهن)
”جنهن گوليءَ توکان نعرو کسيو هو
سا
امن جي اک ۾ قلو آهي.“(سنڌو، 1992ع، ص 124)
”چا!
تون پنهنجي نظريي جو ڪمبل
مون کي اڌارو ڏينديئن؟
مان
پنهنجي سپنن کي
سيءَ کان بچائڻ ٿي چاهيان.“ (سنڌو، 1992ع، ص 125)

هنن سٽن ۾ لڪل اڻ پوريون خواهشون ۽ لڪيل انقلاب به آهي بغاوت نه آهي، پر امر سنڌوءَ جي شاعريءَ پرولين جيان آهي، ان کي سياسي نقطئہ نظر سان به پروڙي سگهجي ٿو.

## نورالهديٰ شاهه:

نورالهديٰ شاهه مشهور ليکڪا آهي. نورالهديٰ شاهه پنهنجن ڊرامن ۽ افسانن جي ڪري گهڻي شهرت ماڻي آهي. سندس لکڻين جو محور ۽ مرڪز سنڌي سماج ۽ عورت آهي. هن جون لکڻيون ڌرتيءَ سان لاڳاپيل آهن. نورالهديٰ شاهه وٽ سماج جي روين کي سمجهڻ جو شعور آهي. هن سنڌ جي سياسي ۽ سماجي ماحول جو عڪس



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پنهنجي لکڻين جي ذريعي دنيا آڏو پيش ڪيو آهي. سندس لکڻين ۾ عورت جي جذبي کي ظاهر ڪيو ويو آهي، عورت جي پوڳنائن کي هن هر طريقي سان سماج جي آڏو آندو آهي. نورالهديٰ شاهه ڊرامن جي وسيلي، افسانن ۽ شاعريءَ وسيلي پنهنجي ڏک ۽ درد جو اظهار ڪيو آهي. عورت جي درد ۽ پيڙا کي پنهنجي اندر ۾ محسوس ڪري لکيو آهي، ان ڪري سندس لکڻيون دل جي ويجهو محسوس ٿين ٿيون.

نورالهديٰ شاهه جو هڪ نظم آهي 'شڪست کان پوءِ' ان جي صرف هڪ سٽ ۾ انقلاب جا اهڃاڻ آهن.

"منهنجي ڌيءَ:

منهنجي غلاميءَ جو آخري پل آهي."

نظم جي آخر ۾ نورالهديٰ شاهه چوي ٿي:

"موٽ ۾

ڌيءَ کي بغاوت جون ڪهاڻيون ٻڌائيندي آهيان هر ڪهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ تي هوءَ مون کان پڇندي آهي.

"ماءُ!

تو چو بغاوت ڪانه ڪئي"!؟

چوندي آهيان

ان ڪري جو منهنجن پيرن هيٺان

منهنجي ماءُ شڪست جو ٻج پوکي ڇڏيو هو

مان تنهنجي پيرن هيٺان بغاوت ٿي پوکيان" (شاهه، 1992ع، ص 40)

"منهنجي غلاميءَ جو آخري پل آهي" (شاهه، 1992ع، ص 39)

مٿين سٽ ۾ نورالهديٰ، صدين کان پنهنجن حقن لاءِ جاکوڙيندڙ عورت جي پيڙائن کي بند ڪري ڇڏيو آهي، اها ڪيفيت صدين کان جاري آهي، اڃا خبر نه آهي ته ڪيترو وقت جاري رهندي، پر هن سٽ ۾ اميد به موجود آهي. هڪ ماءُ جي پوکيل بغاوت جيڪا ڪڏهن نه ڪڏهن ضرور وڏي وڻ ٿيندي.

هر انسان دنيا کي پنهنجي نظر سان ڏسي ٿو، مردن جون پوڳنائون ۽ درد پنهنجا آهن. عورت جا تجربا ۽ درد ڌار آهن. ڳالهه اها آهي ته ڪير، ڪهڙي طريقي سان ان کي محسوس ڪري ٿو ۽ ڪيئن اظهار ڪري ٿو. نورالهديٰ شاهه جو ساڳيو خيال



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪجھ مختلف لفظن ۾ سارا شگفتہ جي هن نظم ۾ بہ ملي ٿو:

"تجھے جب بھی کوئی دکھ دے
اس دکھ کا نام بیٹی رکھنا
بس پہلی بار ڈری بیٹی
میں کتنی بار ڈری بیٹی
ابھی پیڑوں میں چھپی تیر کمان ہیں بیٹی
میرا جنم تو ہے بیٹی
اور تیرا جنم تیری بیٹی" (سارا،1922ع،ص877)

"عربيءَ ۾ عام چوڻي آهي تہ عورت جو آواز بہ عورت آهي، ۽ نورالهديٰ شاھ ثابت ڪيو آهي تہ عورت جو آواز صرف عورت جو آواز ڪونهي اهو سگهہ آهي، پهاڙن تان ڇوهہ مان مان لڙندڙ ڇپ جيان آهي" (نصير مرزا، 1992ع، ص 25)

نورالهديٰ شاھ جو نظم "ڦيٿو" (شاھ، 1992ع ص 125)" عورت جي سڄي زندگيءَ جو داستان آهي، اها زندگي جيڪا هوءَ ٻين لاءِ جيئندي آهي. اهڙي زندگي جنهن ۾ هوءَ حاڪم هوندي آهي، سڄي گهر جي، سڄي گهر جون چاهيون رکڻ واري، سڀ شيءِ جي سنڀال ڪرڻ واري، هرهڪ ياتيءَ جي ضرورتن جو خيال رکڻ واري، سڄي ڏينهن جي ڪلاڪن جي چڪر ۾ هڪ گهڙي بہ هن جي وجود ڪي پرکڻ واري نہ هوندي آهي.

عورتن جي شاعريءَ ۾ احساس تمام سگهارا آهن. شاعرائن، عورت جي هر احساس ڪي مرڪز ۽ محور بنائي ڇڏيو آهي، سماج جي هر روييءَ ڪي عورت جي نظر سان پرکيو آهي، پوءِ اها فهميده رياض هجي، فاطمہ حسن هجي، ڪشور ناهيد هجي، سارا شگفتہ هجي، عطيہ دائود هجي يا نورالهديٰ شاھ هجي، انهن عورتن جي درد ڪي سماج ۾ پڌرو ڪيو آهي.

"نصیحت آموز ادب کا زمانہ ختم ہوا تو عورت نے لحاف کے باہر اور اندر کی داستان لکھنی شروع کی، انسان ہونے کی کوشش میں حائل عذابوں کو شعر اور کہانی میں تحلیل کیا۔ برصغیر میں تو 1935ع سے ادب میں تبدیلی اور معاشرے کو اس ڈھنگ سے دیکھنے کا مرحلہ شامل تھا۔ جہاں مرد کے علاوہ دنیا میں عورت کی محسوسات تھی، جنہیں رومانوی اور اخلاقی ادب نے قابل توجہ نہیں سمجھا۔ البتہ مغرب میں دہلیز پار کرنے کی داستان، سیمون کی Second Sex پر بحث سے شروع ہوئی۔" (کشور ناہید،1992ع، ص:5)

جڏهن عورت پنهنجي جذبن جو اظهار ڪيو آهي ته ان تي بحث ضرور ٿئي ٿو. اهو بحث ۽ اعتراض اهو ظاهر ڪندو آهي ته عورت بظاهر آزاد هوندي به آزاد نه آهي. نورالهديٰ جي نظم ”پڃرو“ ص 45) ۾ ان خيال جو ذڪر آهي. نورالهديٰ شاهه پڃري ۾ قيد پکيءَ سان عورت کي تشبيهه ڏي ٿي. پکي به انهن هٿن ڏانهن واجهائي ٿو جيڪي پڃرو کولي هن کي آزاد ڪندا ۽ عورت به سڄي عمر اهو ئي سپنو ڏسي ٿي.

”پکي!

تو جيان منهنجي حياتي به هڏائين پڃري منجهه قيد ڪئي ويئي آهي،

۽ ان هڏائين پڃري جي اندر

هزارين نيئر منهنجي پيرن کي ٻڌا ويا آهن، جن جي هر هڪ ڪڙيءَ ۾ منهنجي لاءِ حڪم رکيل آهي:

ڪنڌ نوائڻ جو

گوڏن تائين جهڪي هلڻ جو،

سچ ته اهو آهي پکي!

ته تون ۽ مان

ٻئي

آزاد ناهيون

پنهنجي پنهنجي پڃري منجهان منهن ڪڍي

آزاديءَ جي راهه تڪي رهيا آهيون.“ (شاهه، 1992ع، ص 42)

نورالهديٰ شاهه سنڌي سماج جي چنبي ۾ پيڙهيل عورت جي نڙيءَ ۾ گهٽيل آواز کي آزاد ڪيو آهي. اها عورت جيڪا جڳن کان صليب تي لٽڪيل آهي ۽ ان جي حيثيت مرد جي زندگيءَ ۾ 'ڪاٻي هٿ' کان وڌيڪ ڪونهي.

”ساري رات

سمهڻ جي بهاني

سگريٽ وانگر

پل پل ڪري

دکي هوندس

۽ سڄ اڀرڻ کان اڳ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

قلهيار جو ڍير

ڪٿ تان ڇنڊي ڇڏيو هوندم.“ (شاهه، 1992ع، ص نمبر 662)

عورت پنهنجي اندر جي پيڙائن ۾ ٻري رک ٿيندي رهي ٿي، نورالهديٰ شاهه شاعريءَ ۾ ان پيڙا کي، ان درد کي، انهن پوڳنائن ۽ ناانصافيءَ جي هر رويي کي هڪ سوال بڻائي ڇڏيو آهي. نور جو سوال صرف سنڌي سماج کان نہ آهي، نورالهديٰ سڄي دنيا کان سوال ٿي پڇي، سندس نظم ’سنڌياڻي‘ ۾ ان اهو سوال پوري سگهه ۽ شدت سان موجود آهي:

ماءُ!

جواني ماڻڻ سمي تون مون کي پوتي نہ اوڍائين ها

منهنجي نڪ ۾ سوني ڦلي نہ پارائين ها

اڄ لانگ بوٽ ٽا اسان جي ساهه مٿان مارچ ڪن

۽ منهنجي پوتيءَ جو پلاند

لوهي تارن سان اٽڪي

ليڙون ليڙون پيو ٿئي

منهنجي نڪ ۾ پيل سوني ڦليءَ سان ڪيئن زنا ڪاري ٿي ڪئي وڃي!!

اڄ

مان

پنڊپهڻ آهيان

پويان مُڙي توکان پڇڻ چاهيو هئم

مونکي جيئڻ کان پهرين

ماءُ!

اها رات

تون ڇو نہ

شينهڻ جي کل اوڍي سٽئين!!؟“ (شاهه، 1992ع، ص 98)

نورالهديٰ جي هن نظم ۾ سوال بہ آهي پر ان ۾ جواب بہ موجود آهي، نور ماءُ کي شينهن جي کل اوڍڻ جو مشورو ڏئي ٿي، اسان جي سماج ۾ عورت کي ڪمزوريءَ ۽ آڻ مڃڻ ۽ ڪنڌ جهڪائڻ جو سبق ڄمڻ سان پڙهايو ويندو آهي. نورالهديٰ ماءُ کي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڏوهاري ٿي سمجهي، جيڪا ڌيءَ کي پوتي پارائي قيد ڪري ٿي ڇڏي. اها نورالهديٰ جي ڪليل بغاوت آهي رسم رواج ۾ صدين کان جاري قانونن سان، جيڪي عورت کي محڪوميت جي ڄار ۾ ڦاسائين ٿا. نورالهديٰ جي اميد؛ ڌيءَ آهي جيڪا علامت آهي آزاديءَ جي. نور چوي ٿي ته رسمن جي ديوار عورت سان گڏ جنم وٺي ٿي. هو پنهنجي بيوسي تسليم ڪندي اميد ٿي ڪري ته ڌيءَ، يقينن رسمن رواجن، قانونن جي ديوار هيٺان دفن ٿيڻ کان انڪار ڪندي.

نور جي نظم، "ڪمپرومائيز" ۾ آزاديءَ جي هڪ ننڍڙي تصور جو ذڪر آهي: "زندگي رڃ آهي

ڪائنات رڻ آهي،

انڌي آتما فنا جي ڪناري تي آهي." (شاهه 1992ع، ص 187)

عورت جي زندگي آزاد به ڪونهي، هن جي حيثيت ڪاٺ جهڙي، ڪائي مجتا به ڪونهي، وفا به ڪونهي، درد ۾ پيڙائن کي پو ڳيندي رهي ٿي. عورت مان اها توقع ڪئي وڃي ٿي ته هو صرف پنهنجا فرض گهڙيال جي ڪانٽن جيان دائري ۾ گهمندي ڦرندي پورا ڪري، پر ان جي ياد جو. نورالهديٰ شاهه جي شاعريءَ ۾ نه ڪٿندڙ ويساهه موجود آهي.

"آئون اڃا به پنهنجي اندر ۾

"آهيان"

اهو احساس

ڪٿي به

ڪڏهن به

مري نه سگهيو آهي. (شاهه 1992ع، ص. 130)

اهو نور جو سگهارو احساس آهي جيڪو عورت کي زنده ڪري ٿو ڇڏي، پوءِ پل اهو ڪاغذن ۾ ڇو نه هجي. " نورالهديٰ شاهه جا هي نظم جيڪي سچ ته رت ڦڙا آهن، جي اکين مان ڳاڙي هن اسان جي آڏو رکيا آهن. انهن کي پڙهي، جيئن منهنجو من لڇيو آهي تيئن هنن جو به ضرور لڇندو پڇندو هوندو.

ڇا ڇا نه لکيو آهي، سنڌ جي هن مهربان ماءُ ڇا ڇا نه چيو آهي، اسان جي هيءَ دلير، دردمند سنڌي ڀيڻ ابتدا ۾ ئي اسان لاءِ هيئن لکي ٿي:

ٻہ ليڪا ڪڍي
صليب ٺاهي
پنهنجو پاڻ
ٽنگي ڇڏيان
جي
ڏک سپيئي
لڪي نہ سگهان!“ (جويو ابراهيم، قيدياڻي، ص. 10)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

### گلشن لغاري:

’وچڙي ويل زندگي‘ گلشن لغاريءَ جو شعري مجموعو آهي. سندس نظمن جو موضوع سنڌي سماج آهي، گلشن جي شاعريءَ لاءِ گلشن جا پنهنجا لفظ آهن تہ:

”شاعري رڳو خوبصورت چنچل دوشيزه جو نالو ئي نہ آهي، پر اها زماني هٿان سنگسار ٿيل هڪ باغي عورت پڻ آهي، جا دنيا جي ڪربلا ۾ بيبي زينب ع جيان پنهنجي لٽجي ويل قافلي لاءِ زندگيءَ جي شامِ غريبان ۾ مٿي ۽ پيرين اگهاڙي، وار کولي ماتم ڪندڙ ۽ بچي ويل بيوس معصومن کي بچائڻ جا جتن ڪندڙ، زنجيرن ۾ جڪڙيل ۽ وک وک تي ستم سهندي بہ وقت جي يزيد کي للڪاري ٿي، پر هار نٿي مڃي“. (لغاري، گلش، ص28)

گلشن جو هڪ نظم آهي ”منهنجي دل دڙڪي ٿي“ جنهن ۾ هوءَ نياڻين جو درد بيان ڪري ٿي، پر ان سان گڏوگڏ ان ’ڪاريءَ‘ واري روايت کي ننديندي سوال ڪري ٿي تہ:

”ڏوهہ جي مان ڏوهاري آهيان،
هن ڌرتيءَ جي ناري آهيان،
وک وک تي ويئي واري آهيان،
پوءِ بہ آئون ڪاري آهيان،
سمجهو مونکي انسان ڪٿي!
هر هر دلڙي هرڪي ٿي،
منهنجي دل بہ ڌڙڪي ٿي (لغاري، 2007ع، ص 76)

گلشن لغاري پنهنجي وجود سان جنگ جوتي ٿي، هوءَ سماج، حالتن ۽ دنيا سان بغاوت ڪندي وڙهي ٿي. گلشن جي بغاوت اها آهي ته هوءَ وڙهي ٿي، هارائي ٿي پر هار نٿي مڃي، هوءَ پنهنجي شعور جي آواز کي زماني جي اڳيان للڪاري ٿي. پاڻ پنهنجي لڪٽين کي پنهنجي وجود جي هڪ رڙ سان تشبيهه ڏيئي ٿي:

”اي مؤرخو! اي منصفو! ٻڌي وٺو!
ڄاڻي وٺو!
هڪ ڏينهن جڏهن
ان چيخ کي آزادي ملندي
ته اها زمين ۽ آسمان
۽ زمان ۽ مڪان
کي لوڏي ڇڏيندي“ (ل-گ، ص 111)

گلشن جي نظم ’سڪيءَ جو سوال‘ موجوده دور جي پيڙهيل عورت جو سوال آهي، اها عورت جنهن وٽ سماج جي اڻيل رشتن جي چادر ڪونهي، هو زماني جي هر موسم جون سختيون سهڻ لاءِ سينه سپر آهي. هوءَ گهايل به آهي: جيڪو رويو سماج کي سوچڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو ته هڪ عورت ڪان سندس سڄاڻپ لاءِ رشتن جا حوالا ڇو گهربا ويندا آهن؟ سندس وجود سندس سڃاڻپ جو باعث ڇو نٿو ٿئي؟

”جرم ڪهڙو هيو پنهنجو دنيا ۾،
اسان پنهنجن ۾ ئي ڌاريا وَياسين!
لوڪ سارو خوشين ۾ مست مگر،
اسان ئي ڇو آزاريا وياسين.

هن شعر ۾ جنسي متڀيد واري، سوچ لاءِ بغاوت موجود آهي. اها سوچ جيڪا هر پٿر ۽ هر تير اڪيلي عورت ڏانهن ئي اڇلائي ٿي.

## نتيجا:

عورتن جي شاعريءَ ۾ بغاوت جو عنصر نمايان آهي.

جنسي متڀيد واري رويي جي، ردعمل ۾ شاعرائن پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو آهي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

عورت دنيا جي ڪنهن بہ خطي ۾ هجي هن جا درد ساڳيا آهن ڇو تہ جنسي متڀيد ۽ ڏاڍ وارو عمل هر خطي ۾ ساڳيو آهي.

عورتن پنهنجن احساس جو اظهار شاعريءَ وسيلي ڪيو آهي، ان ۾ انهن جا خيال ۽ جذبا تمام سگهارا آهن.

سماجي روين ڪي محسوس ڪندي انهن ڪي عورت جي نظر سان ڏسڻ ۽ انهن ڪي اظهار ڪرڻ جو انداز عورتن وٽ تمام سگهارو آهي.

اسان جي سماج ۾ اخلاقيات جا دائرا صرف عورت لاءِ ٺاهيا ويا آهن، اسان جي شاعرائن انهن ڪي مڃڻ کان انڪار ڪندي پنهنجي هستيءَ ڪي مڃرايو آهي.

انسان جي داخلي توڙي خارجي مسئلن جو اپٽار تمام گهرائيءَ سان ڪيل آهي.

شاعر عورتن جي شاعري پڙهڻ ۽ تحقيق ڪرڻ سان نہ صرف سنڌ جي سماج، پر سڄي دنيا جي عورتن جي مسئلن جي واضح تصوير آڏو ٿي اچي.

عورتن ڪي شڪايت مردن کان نہ آهي، پر ان حاڪميت واري رويي کان آهي. جنهن تحت عورت کان انسان هجڻ جو حق کسيو ٿو وڃي.

عورت محسوس ڪرائي ٿي تہ هن جو وجود هڪ بي جان مورتي نہ آهي نہ ئي هو ڪو رانديڪو، آهي هوءَ پنج ئي حواس رکندڙ زنده وجود آهي جيڪو پنهنجي هستيءَ کان باخبر بہ آهي ۽ هستيءَ جي موجودگي مڃرائڻ جي سگهہ بہ رکي ٿو. عورت جي سڃاڻپ صرف سماجي ناتا ۽ رشتا ڪونہ آهن: ماءُ، ڌيءَ، زال، محبوب کان علاوه بہ هن جي سڃاڻپ ۽ حيثيت آهي. هوءَ بہ مردن جيان پنهنجي پسند ناپسند جو اظهار ڪري سگهي ٿي، مرضيءَ جي زندگي گذاري سگهي ٿي. عورت جي بغاوت حڪمرانيءَ لاءِ ناهي پر صرف ان لاءِ آهي تہ، هوءَ زندگيءَ ۾ ڀرپور ٽهڪ ڏيئي جيئي، خوش رهي ۽ ڪا بہ اجائي آگر هن جي ڪردار تي آوارگيءَ جو ليبل لڳائڻ لاءِ نہ کڄي.

## حوالا


### سنڌي ڪتاب:

1. باشم، اي ايل، ترجمو: گاڏهي همسفر، هندستاني تهذيب جي ڪٿا، سنڌيڪا اڪيڊمي 2004ع.
2. بيگ، مرزا قليچ، سنڌي وياڪرڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1961ع.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

3. جوڻيجو تنوير، عورت، سماج ۽ ڏاڍ، عورتازاد ويمن ريسرچ ۽ پبليڪيشن 2004ع.
4. چانڊيو مظفر، مرتب: ڏيا ڏيا لاٽ اسان، سنڌيڪا اڪيڊمي، 1992ع.
5. حسين فهميده ڊاڪٽر، ادبي تنقيد، فن ۽ تاريخ، سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي، فيبروري 1997ع.
6. حسين فهميده ڊاڪٽر، دنيا جون شاعر عورتون، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2006ع.
7. حسيني، سحر امداد ڊاڪٽر، چوڏهين چنڊ آڪاس، وعده ڪتاب گهر، جون 2003ع.
8. حسيني، سحر امداد، ڊاڪٽر، جديد سنڌي شاعري، هڪ نئون ڪلاسڪ 1975ع کان 1955ع. پي. ايچ. ڊي سنڌيءَ لاءِ لکيل مقالو. (اڻ ڇپيل)
9. حيدري، شمشير، سنڌي آزاد نظم جي اوسر، حيدري انسٽيٽيوٽ آف لٽريچر اينڊ آرٽس، آڪٽوبر 1987ع.
10. دائود عطيه، اڻ پوري چادر، ڪونج پبليڪيشن ممبئي، 2002ع.
11. دائود عطيه، شرافت جي پلصراط، سهائي بوڪس 1997ع.
12. سرتيون رسالو، شاعر نمبر، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 1997ع.
13. سورلي. ايچ. ٽي، پٽ جو شاهه. مترجم: عطا محمد ڀنڀرو، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، جون- جولاءِ 1992ع.
14. شيخ، محمد ابراهيم خليل، ادب ۽ تنقيد، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 26 ڊسمبر 1947ع.
15. گرامي غلام محمد، مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحان، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، حيدرآباد 1992ع.
16. لغاري گلشن، وڇڙي ويل زندگي، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد، 2009ع.
17. مجيدي مريم، سروم دکم دکم، چانڊاڻ پبليڪيشن، سڄاول ڊسمبر 1986ع.
18. نورالهديٰ شاهه، قيدياڻيءَ جون اکيون ۽ چنڊ، نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1992ع.
19. پٽي رشيد، سچل جو مڪتب، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور ميرس.

**اردو کتب:**

1. سبطِ حسن، نوید فکر، دانیال، 2002ع.
2. حسین خالدہ، فرضی آفت، مرتب: خواتین کا عالمی ادب، ادبیات اکیڈمی، کراچی.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## English Book:

1. Sidney Sheldon: An apology for poetry, edited by: Amina Shakeel, Golden Publication, Hyderabad.

## انسائيڪلو پيڊيائ لغات ۽ رسالا:

1. بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر، جامع سنڌي لغات، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.
2. ٽي. ايس. ايليٽ، سنڌي شاعريءَ جو سماجي ڪارج، مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1960ع.
3. سرتيون، شاعر نمبر، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair